# فيضانِ رجب

سنڌي



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ رجب
ڇاپو پهريون: جمادي الأخري 1442 ھ فيبروري 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريدڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ رجب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## فيضانِ رجب 1

دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
مظلوم جي بددعا ........................................ 1
دعائون قبول ٿين ٿيون ........................................ 4
چار مهينا ........................................ 4
رجب کي رجب چوڻا چون؟ ........................................ 5
رجب جو هڪ ٻيو نالو ........................................ 6
زبان جي حفاظت ڪريو ........................................ 6
يومِ قفلِ مدينہ ........................................ 7
ڀلائيءَ جي ڪنجي ........................................ 8
رجب جي تمنا ڪرڻ وارو بزرگ ........................................ 8
نيڪ ڪم دوران موت ........................................ 9
دعاءِ مصطفيٰ ........................................ 9
رجب اللّٰه پاڪ جو مهينو آهي ........................................ 10
رجب المرجب جي پهرين رات ........................................ 10
جنت ۾ داخلا ........................................ 11
استغفار جي ڪثرت ........................................ 11
نفل روزا ........................................ 12
سڄي سال جا روزا ........................................ 13
جنتي محل ........................................ 13
جهنم جا دروازا بند ........................................ 14
رجب جي پهرين رات ........................................ 14
مديني جو سفر ........................................ 15

رجب جا ڪوندا ........................................ 15
معراج مصطفيٰ ........................................ 16
معراج شريف جو انڪار ڪرڻ ڪيئن؟ ........................................ 17
رجب جي ٽن اکرن جي نسبت سان 3 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ . 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ رجب

## دعاءِ عطار

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو 16 صفحن جو رسالو ”فيضانِ رجب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ماهِ رجب جي برڪتن سان مالامال فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

هڪ نيڪ ماڻهوءَ خواب ۾ ”خوفناڪ بلا“ ڏٺي، گهٻرائجي پڇيو: تون ڪير آهين؟ ان خوفناڪ بلا جواب ڏنو:”مان تنهنجو برو عمل آهيان.“ پڇيو: توکان نجات جي ڇا صورت آهي؟ جواب مليو: حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف جي ڪثرت. (القول البديع، ص 255)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مظلوم جي بددعا

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت سيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ارشاد فرمائن ٿا: مان اميرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ موجود هيس. انهيءَ دوران سندن جي پرسان هڪ اهڙو پوڙهو شخص گذريو جيڪو انڌو ۽ منڊو هو، ان جي اڳيان اڳيان هڪ ٻيو شخص هلي رهيو هو جيڪو ان منڊي ۽ انڌي کي سختي سان ڪهليندو وڃي رهيو هو. حضرت سيدُنا عمر

فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهو منظر ڏسي ارشاد فرمايو: مون ايترو بُرو منظر اڄ کان پهريان ڪڏهن نہ ڏٺو.

پوءِ حضرت سيدُنا عمرِ فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خدمت ۾ ”عياض“ نالي هڪ شخص ان جي متعلق پورو واقعو ٻڌائيندي عرض ڪيو: اي اميرالمومنين! صَبغاء جا ڏهه (10) پٽ هئا ۽ مان انهن جو سوٽ هيس، منهنجي پائرن مان مون کان علاوه ڪو ٻيو باقي نہ بچيو هو. مان پنهنجي سوٽن جي پاڙي ۾ رهندو هيس، منهنجي سڄي قوم ۾ اهي ئي منهنجا سڀ کان وڌيڪ قريبي رشتيدار هئا. اهي مون تي ظلم و ستم ڪندا هئا ۽ منهنجو مال ناحق کسي وٺندا هئا، مان انهن کي خدا جو خوف ڏياريندو هيس، رشتيداري ۽ پاڙيسري هئڻ جا واسطا ڏيندو هئس تہ مون تي ظلم نہ ڪيو پر اهي واسطا ڏيڻ بہ مون کي انهن جي ظُلم کان نہ بچائي سگهيا، جيئن تہ مون انهن کي سندن حالت تي ڇڏي ڏنو، ايستائين جو جڏهن حُرمت (يعني عظمت ۽ پاڪيزگي) وارو مهينو (رجب) آيو تہ مون آسمان ڏانهن هٿ کڻي انهن جي لاءِ بد دُعا ڪئي:

”اي اللہ! مان سچي دل سان اها دعا گهران ٿو تہ تون هڪ کان علاوه صبغاء جي سيني پٽن کي هلاڪ فرمائي ڇڏ ۽ ان هڪ کي منڊو ۽ انڌو ڪري ڇڏ ۽ کو اهڙو شخص هجي جيڪو ان کي سختي سان گهليندو وتي.“ پوءِ انهيء سال هڪ هڪ ٿي انهن مان 9 ڄاڻي مري ويا ۽ اهو هڪ باقي بچيو هو جيڪو انڌو ٿي ويو، ان جون ٽنگون بہ مفلوج ٿي ويون، جيئن اوهان ڏسي رهيا آهيو ۽ ان کي ڪٽي ايندڙ ۽ ويندڙ سختي سان ان کي گهلي آڻيندو ۽ وٺي

ويندو آهي اهو ﮫ اوهان ڏسي ئي ورتو. حضرت سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: بيشڪ اهو تمام ئي عجيب واقعو آهي.

(كتاب البر و الصلة لابن جوزى،الباب الثلاثون فى ثواب صلة الرحم ۔۔۔الخ ،ص167)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ ظلم جو انجام ڪيتري قدر خطرناڪ آهي. حضرت شيخ محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "صحيح بخاري" ۾ لکن ٿا: حضرت ابو موسىٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ﺗﮫ سرڪار مدينهٔ منوره، سردارِ مڪهٔ مڪرمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ ظالم کي مهلت ڏيندو آهي ايتري تائين جو جڏهن ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺندو آهي پوءِ ان کي ناهي ڇڏيندو. اهو فرمائي سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 12هين سيپاري سورهٔ هود جي آيت 102 تلاوت فرمائي.

وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿۱۰۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهڙي ئي طرح پڪڙ آهي تنهنجي رب جي جڏهن ڳوٺن کي پڪڙي تو انهن جي ظلم تي، بيشڪ ان جي پڪڙ سخت درد ناڪ آهي.

(پ 12 هود 102) (صحيح البخاري ج 3، ص 247، حديث 4686)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں
بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب
گناہ گار طلبگارِ عفوو رحمت ہے
عذاب سہنے کا کس میں ہے حوصلہ یارب
کہیں کا آہ! گناہوں نے اب نہیں چھوڑا
عذابِ نار سے عطار کو بچا یارب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعائون قبول ٿين ٿيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته رَجَبُ الْمُرَجَّب جي مهيني ۾ دعائون قبول ٿين ٿيون، تاريخِ ابن عساڪر جي هڪ طويل روايت ۾ آهي: جاهليت واري زماني ۾ به ماڻهو رجب جي مهيني جي تعظيم ڪندا هئا، ڪو مظلوم شخص جيڪڏهن ظالم جي لاءِ بد دُعا ڪرڻ چاهيندو هو ته پنهنجو ارادو رجب تائين مؤخّر ڪندو هو ۽ رجب جي اچڻ تي ظالم جي خلاف دعا ڪندو هو ته اها دُعا قبول ٿي ويندي هئي. (تاريخِ ابن عساڪر، جلد45، ص81)

حضرت امام زَڪريّا قَزوِيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته ڪثير حديث سڳوريون رجب جي مهيني جي عظمت ۽ شان تي دلالت ڪن ٿيون ان ۾ عبادتون ۽ دُعائون قبول ٿين ٿيون، (عجائب المخلوقات،ص69۔)

ہاتھ اُٹھتے ہی بر آئے مُدّعا
وہ دعاؤں میں مولیٰ اثر چاہیے

اپنے عطار پر ہو کرم بار بار
اِذن طیبہ کا بارِدِ گر چاہیے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چار مهينا

رَجَبُ المرجّب نهايت بابرڪت مهينو آهي. اهو حُرمت (يعني عظمت ۽ پاڪيزگي) وارن انهن 4 مهينن مان هڪ آهي جن جو شان ۽ عظمت قرآن و حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي. صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته الله پاڪ انهن 12 مهينن

مان 4 مهينن کي خصوصيت عطا فرمائي ۽ ان جي حرمت کي عظمت بخشي ۽ انهن مهينن ۾ گُناهہ کي وڏو گُناهہ قرار ڏنو.

(تفسیر ابن ابی حاتم،التوبۃ،تحت الآیۃ:36، 46/5، رقم:10337)

سيپاري 10 سورة التُّوبہ آيت نمبر36 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِیْ كِتٰبِ اللّٰهِ یَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ﳔ فَلَا تَظْلِمُوْا فِیْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (پ 10 التوبۃ 36)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله جي ويجهو ٻارهن مهينا آهن الله جي ڪتاب ۾، جڏهن کان انهيءَ آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو انهن مان چار عزت وارا آهن، هي سڌو دين آهي پوءِ انهن مهينن ۾ پاڻ تي ظلم نہ ڪريو

تابعي بزرگ حضرت قتاده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلْعَمَلُ الصَّالِحُ اَعْظَمُ اَجْرًا فِي الْاَشْهُرِ الْحُرُمِ يعني حرمت وارن مهينن ۾ نيڪ عمل جو اجر وڏي ويندو آهي ۽ حرمت وارن مهينن ۾ ظلم و گناهہ باقي مهينن جي مقابلي ۾ وڏو گناهہ ٿي ويندو آهي جيتوڻيڪ ظلم ۽ گناهہ هرحال ۾ وڏو آهي.

(تفسیر بغوی،التوبۃ،تحت الآیۃ:36، 244/2)

## رجب کي رجب چو ٿا چون؟

خادمُ النبي، جنتي صحابي، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو ويو تہ (ماهِ رجب جو نالو رجب چو رکيو ويو؟. ارشاد فرمايائون: چوتہ هن مهيني ۾ شعبان ۽ رمضان جي لاءِ خيرِ ڪثير(يعني تمام گهڻي ڀلائي) وڌائي ويندي آهي. (فضائل شهر رجب للخلال، ص47 )

## رجب جو هڪ ٻيو نالو

پيارا اسلامي ڀائرو! رجب جو هڪ نالو ”شهر اَصَم“ يعني ٻوڙو مهينو به آهي، جيئن ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوي رضويه ۾ هن نالي جو سبب ڪجھ هيئن ارشاد فرمائن ٿا: هر مهينو پنهنجي هر واقعن جي شاهدي ڏيندو سواءِ رجب جي جيڪو حَسَنات (چڱايون) بيان ڪندو ۽ سيئات (برائين) جي ذڪر تي چوندو ته مان ٻوڙو هئس مون کي خبر ناهي، ان ڪري ان کي ”شهر اَصَم“ چوندا آهن. (فتاوی رضویہ،496/27)

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگادے دل

رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرمادے کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## زبان جي حفاظت ڪريو

عارِف بِاللّٰه شيخ ضياءُ الدّين عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بعض عالمن کان نقل فرمائن ٿا: جڏهن دورِ جاهليت ۾ ماڻهو (رَجَب جي مهيني ۾) نيزا لڪائي ڇڏيندا هئا ۽ جنگ کان رُڪجي ويندا هئا ته هاڻي مسلمان هن مهيني ۾ پنهنجي زبانن جي حفاظت ڇو نٿا ڪن ۽ بي حرمتي کان ڇو نٿا رڪجن. بيشڪ ڪجھ موقعن تي زبان اگهاڙي تلوار ۽ تيز نوڪدار نيزي کان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ هوندي آهي.

(طهارة القلوب ، الفصل الثانی عشر فی التقوی، ص125)

## يومِ قفلِ مدينہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان کي زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ (يعني ضرورت موجب گفتگو ڪرڻ) نصيب ٿي وڃي تہ تمام گهڻين آفتن کان نجات ملي سگهي ٿي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ"دعوتِ اسلامي" جي ديني ماحول سان وابستہ ڪيئي خوشنصيب اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون" زبان جو قفلِ مدينہ" لڳائيندا آهن ۽"يومِ قفلِ مدينہ" بہ ملهائيندا آهن. هونئن تہ اسان کي آخري ساهہ تائين، زبان، اکين، ڪن ۽ پيٽ جي حفاظت ڪرڻي آهي، زبان ۽ ڪنن کي گناهن ڀري ۽ فضول گفتگو ڪرڻ ٻڌڻ سان، اکين کي گناهن ڀري منظرن ۽ فضول هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان ۽ پيٽ کي حرام ۽ فضول کائڻ پيئڻ کان بچائڻو آهي، هر مهيني جي پهرين سومر شريف تي هن عهد کي نئين طور تازو ڪرڻ ۽ اُن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن جي ياد ۾ شيخِ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي جو رسالو"خاموش شهزادو" پڙهڻو آهي، ياد رکو! قفلِ مدينہ جو اِهو مطلب هرگز ناهي تہ جائز ڳالهہ نہ ڪئي وڃي جيئن ڪنهن سلام ڪيو يا ڇنڇ ڪان پوءِ"اَلْحَمْدُ لِلّٰه " چيو يا آذان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ان جو جواب ڏنو ويندو ايسيتائين جو جن شين جو جواب ڏيڻ واجب آهي تہ انهن جو جواب نہ ڏيڻ جي ڪري گناهگار ٿيندا. زبان جي قفلِ مدينہ جو مقصد پنهنجي زبان کي فضول ڳالهين کان روڪڻ آهي جو فضول گوئي کان خاموشي بهتر آهي ۽ نيڪي جي دعوت وغيره ڏيڻ خاموشي کان بهتر آهي. ڪاش! بخاري شريف جي اها حديثِ پاڪ اسان جي ذهن و دماغ ۾ ويهي وڃي، جنهن ۾ هيءُ

ﻬ آهي مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْلِيَصْمُتْ ”جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ ڀلائي جي ڳالھ ڪري يا خاموش رهي.“ (بخاري شريف، جلد4 ص 105، حديث:6018)

رفتار کا گُفتار کا کردار کا دے دے
ہر عضو کا دے مجھ کو خدا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڀلائيءَ جي ڪنجي

امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رجب کي ”اَلاَصَبّ“(يعني تيز وهڪرو) ﻬ چوندا آهن انکري جو هن مبارڪ مهيني ۾ توبہ ڪرڻ وارن تي رحمت جو وهڪرو تيز ٿي ويندو آهي ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي اَنوار جو فيضان جاري ٿيندو آهي. (مکاشفة القلوب،الباب المتمم للمائة فی فضائل رجب،ص301۔تحفة الاخوان ،ص12)

حضرت علامہ يوسف بن عبدُالهادي حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”رَجَب جو مهينو خير ۽ ڀلائي جي ڪنجي آهي.“ (اسلامي مهينن جا فضائل، ص127)

## رجب جي تمنا ڪرڻ وارو بزرگ

هڪ نيڪ عالِمِ دين رَجَبُ المرجّب کان پهريان بيمار ٿيو تہ فرمائڻ لڳو: مون الله پاڪ کان دُعا ڪئي آهي تہ منهنجي وفات رجَبُ المرجّب تائين مؤخّر فرمائي ڇوتہ مون کي اها خبر پهتي آهي تہ رجب ۾ الله پاڪ ٻانهن کي (دوزخ کان) آزاد فرمائيندو آهي. پوءِ الله پاڪ اُنهن کي رَجَبُ المرجّب عطا فرمايو ۽ انهيءَ مهيني ۾ سندن انتقال ٿيو. (لطائف المعارف ،ص138)

موت ایماں پہ دے مدینے میں اور محمود عاقبت فرما
تُو شرف زیرِ گنبدِ خضرا مجھ کو مرنے کا مرحمت فرما
سرفراز اور سرخرو مولیٰ مجھ کو تو روزِ آخرت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ ڪم دوران موت

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! صحابہ ڪرام هن ڳالھ کي پسند ڪندا هئا تہ اُنهن جو انتقال ڪنهن چڱي ڪم مثلاً حج، عمري، غزوه(جهاد)، رمضان جي روزي وغيره جي دوران ٿئي. (صفة الصفوف لابن جوزي، جلد2 ص 59)

## دعاءِ مصطفيٰ

خادِمُ النّبي، جنتي صحابي، حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جڏهن رجب المرجّب جو مهينو ايندو هو تہ حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هي دُعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان۔ ترجمو: ياالله! اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان کي رمضان نصيب فرماءِ. (معجم اوسط،من اسمه على، 85/3، حديث:3939۔ لوامع الانوار،الباب الثالث فى اذكار۔۔۔الخ، الدعاء فى شهر رجب، ص260)

حڪيم الأمت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني رجب ۾ اسان جي عبادتن ۾ برڪت عطا ڪر ۽ شعبان ۾ خشوع و خضوع ڏي، ۽ رمضان جو مهينو ۽ ان ۾ روزا رکڻ ۽ قيام نصيب ڪر. صوفي سڳورا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: رجب ٻج پوکڻ جو مهينو آهي، شعبان پاڻي ڏيڻ ۽ رمضان فصل ڪٽڻ جو، تنهنڪري رجب جي مهيني ۾ نفلن جي

خوب ڪوشش ڪريو، شعبان ۾ پنهنجي گناهن تي رُوئو ۽ رمضان ۾ رَبّ تعاليٰ کي راضي ڪري هن فصل کي خيريت سان لُٽو.
(مرأ ۃ المناجیح،330/2 بتغیر)

عبادت میں ریاضت میں، تلاوت میں لگادے دل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرمادے کرم مولیٰ

براءت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ

میں رحمت، مغفرت دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رجب الله پاڪ جو مهينو آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: رَجَبٌ شَهرُ اللهِ تعالیٰ وَشَعْبَانُ شَهرِی وَرَمَضَانُ شَهرُ اُمَّتِی يعني رجب الله پاڪ جو مهينو آهي، شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان منهنجي اُمّتين جو مهينو آهي. (مسند الفردوس، باب الراء،275/2،حدیث:3276)

## رجب المرجب جي پهرين رات

الله پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: پنج (5) راتيون اهڙيون آهن جنهن ۾ دُعا رَد ناهي ڪئي ويندي: (1) جمعرات (2) رجَب جي پهرين (يعني چنڊ) رات (3) پندرهن (15) شعبان جي رات

(يعني شبِ براءَت) (4) عيدُالفطر جي (چنڊ) رات (5) عيدُالاَضحٰي جي (يعني ذُوالْحِجّہ جي ڏهين) رات. (ابن عساکر. جلد10 ص408، حديث:2604)

## جنت ۾ داخلا

حضرت خالد بن مِعدان رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو رجب جي پهرين رات جي تصديق ڪندي ثواب جي نيّت سان ان کي عبادت ۾ گذاري ۽ ان جي ڏينهن ۾ روزو رکي تہ الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (فضائل شهر رجب للخلّال، ص 10. غنية الطّالبين جلد1 ص 327)

## استغفار جي ڪثرت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: رَجَب جي مهيني ۾ **اِستِغْفار جي ڪثرت** ڪريو. بيشڪ ان جي هر هر گهڙي ۾ الله ڪريم ڪيئي ٻانهن کي **باهہ کان نجات** عطا فرمائيندو آهي. (مسند الفردوس، باب الالف، ذکر الاحاديث التى امر بها النبى امتہ۔۔۔الخ، 1/81، حديث:247)

مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن رجب ۽ شعبان ۾ ست ڀيرا هيءُ پڙهيو:

اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ الَّذِیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَیَّ الْقَيُّوْمَ، وَ اَتُوْبُ اِلَيْه تَوبَةَ عَبْدٍ ظَالِمٍ، لَا يَمْلِكُ لِنَفْسِه مَوْتًا وَّ حَيَاةً وَّلَا نُشُوْرًا، تہ الله پاڪ ان تي مقرر ٻنهي ملائڪن (يعني ڪراماً ڪاتبين) کي ارشاد فرمائيندو هن جي گناهن جو صحيفو (يعني اعمالنامو) متائي ڇڏيو. (الادب في رجب، ص39)

حضرت اشرف جهانگير سَمنائي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي ملفوظات ۾ آهي: ماهِ رجب ۾ استغفار ڪيو، جيڪو شخص ماهِ رجب ۾ ٽي هزار ڀيرا هن طرح استغفار پڙهي اهو بخشيو ويندو: اَسۡتَغۡفِرُ اللهَ يَاذَاالۡجَلَالِ وَ الۡاِكۡرَامِ مِنۡ جَمِيۡعِ الذُّنُوۡبِ وَ الۡاٰثَامِ۔ (لطائف اشرفي، جلد2 ص232)

حضرت سَيدُنا وَهب بن مُنَبِّه رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا جون تمام نهرون رجب جي تعظيم خاطر زمزم جي زيارت ڪنديون آهن ۽ مون الله پاڪ جي ڪتابن مان ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي ته جيڪو رجَب جي مهيني ۾ صبح و شام هٿ کڻي ستّر (70) ڀيرا هن طرح مغفرت جي دُعا گهري: ”اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡ لِي وَ ارۡحَمۡنِي وَ تُبۡ عَلَيَّ“ ترجمو: اي الله! منهنجي مغفرت فرماءِ، مون تي رحم فرماءِ ۽ منهنجي توبه قبول فرماءِ. ته ان جي جسم کي ڪڏهن به باھ نه ڇُهندي. (طهارة القلوب ، ص 126)

يا خدا ميری مغفرت فرما باغِ فردوس مرحمت فرما

توُ گناہوں کو کر معاف الله! ميری مقبول معذرت فرما

ہو نہ عطار حشر ميں رسوا بے حساب اس کی مغفرت فرما

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نفل روزا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ نه ڪجھ روزا رکڻ جي به عادت بڻائڻ گهرجي هن جو وڏو اجر و ثواب آهي پڻ ماهِ رمضان المبارڪ کان پهريان ئي ڪجھ نه ڪجھ نفلي روزا رکڻ جي سعادت ملي

ويندي، رمضان المبارڪ ۾ فرض روزا رکڻ ۽ سچو ڏينهن اجارو بکارو رهڻ جي عادت بڻجندي پڻ روزا رکڻ جا جسماني طور ڪوڙ فائدا آهن.

## سچي سال جا روزا

مصطفيٰ جان رحمت صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ رجب وڏو عظمت وارو مهينو آهي جو هن ۾ نيڪين جو اجر وڌي ويندو آهي جنهن هن مهيني جي ڪنهن هڪ ڏينهن جو روزو رکيو اهو ائين آهي جيئن سچي سال جا روزا رکيا. (ميزان الاعتدال، جلد3 ص 49)

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي، حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہ عَنْہما کان پڇيو ويو: ڇا نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رجب المرجب ۾ روزا رکندا هئا؟ ارشاد فرمايائون: هائو! ۽ انهن کي اهميّت به ڏيندا هئا (ڪنزالعمال جزء:2 جلد4 ص 301، حديث:24596)

## جنتي محل

مشهور تابعي بُزرگ حضرت سيدُنا ابو قِلابہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: رَجَب جي روزي دارن جي لاءِ جنت ۾ هڪ محل آهي. (شعب الايمان،باب فی الصيام ـــ الخ،3/368،حديث:3802)ز

حضرت سفيان ثوري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مونکي حُرمت وارن مهينن ۾ روزو رکڻ وڌيڪ پسند آهي ۽ روايت آهي ته جڏهن رجب جي پهرين جمعي جي هڪ ٽهائي رات گذرندي آهي ته ڪو ملائڪ باقي ناهي رهندو پر سڀ رجب جي روزيدارن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندا آهن. (مڪاشفة القلوب، ص 621)

## جهنم جا دروازا بند

عارِف بِاللّٰہ شيخ ضياءُ الدين عبدُالعزيز ديريني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مروي آهي تہ جنهن رجب جا ست روزا رکيا ان جي لاءِ جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ جنهن ڏهہ روزا رکيا اهو اللہ پاڪ کان جيڪو گهرندو آهي اللہ پاڪ ان کي عطا فرمائيندو آهي ۽ بيشڪ جنت ۾ هڪ محل آهي جنهن جي سامهون دنيا هڪ پکيءَ جي آکيري جيان آهي ان محل ۾ صرف رجب جا روزا رکڻ وارا ئي داخل ٿيندا. (طهارة القلوب ، الفصل الثانی عشر، ص 125)

## رجب جي پهرين رات

حضرت علامہ اَبُو الحسن علي بن احمد يزدي بغدادي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو معمول هيو تہ پاڻ رجب جا روزا رکندا هئا. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وصيت ڪندا هئا تہ مونکي وفات جي ٽن ڏينهن کان پوءِ دفن ڪجو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ان وقت مان”سڪرات“ ۾ هجان پر هڪ پيرو رجب المرجب جي آمد کان ڪجهہ ڏينهن پهريان فرمايو: پنهنجي وصيت کان رجوع ڪيان ٿو، مون کي وفات کان پوءِ جلدي دفن ڪري ڇڏجو، چوتہ مون خواب ۾ اللہ پاڪ جي آخري نبي مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: يَاعَلِيُّ صُمۡ رَجَبًاعِنۡدَنَا يعني اي علي! رجب جا روزا اسان سان گڏجي رکجو. جيئن تہ جڏهن رجب جي پهرين رات آئي تہ سندس وصال ٿي ويو. (سيراعلام النبلاء، جلد15 ص116) **اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

جب تری یاد میں دنیا سے گیا ہے کوئی
جان لینے کو دلہن بن کے قضا آئی ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مديني جو سفر

**جنتي صحابي،** مسلمانن جو ٻيو خليفو، حضرتِ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ٻيا صحابہ ڪرام رجَبُ الْمُرَجَّب ۾ عمرو ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا. صحابيہ بنت صحابي، تمام مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْها ۽ حضرت عبداللّٰہ بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما بہ رجب المرجب ۾ عمرو ادا ڪندا هئا. مشهور تابعي بزرگ امام ابن سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان جا بزرگ(يعني صحابہ ڪرام) رجب المرجب ۾ عمرو ادا ڪندا هئا. (لطائف المعارف، ص137)

اِذن مل جائے گر مدینے کا
کام بن جائے گا کمینے کا

اُس کی قسمت پہ رشک آتا ہے
جو مسافر ہوا مدینے کا

تجھ پہ رحمت ہو زائرِ طیبہ!
جا، نگہبان خدا سفینے کا

ہم کو بھی وہ بلائیں گے اک دن
اذن مل جائے گا مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رجب جا ڪونڊا

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت!** مشهور تابعي بزرگ، اهلبيت جا چشم چراغ، حضرتِ امام جعفر صادِق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اِيصالِ ثواب جي

لاءِ کيرڙي ۾ ٽڪيون پچائي فاتحہ ڏياري ويندي آهي جن کي”کونڊا“ سڏيو ويجي ٿو. يقيناً انهن سيني جي اصل ايصالِ ثواب آهي جيڪو سؤ فيصد جائز آهي جڏهن تہ ڪنهن بہ معاملي ۾ شريعت جي خلاف ورزي نہ ٿيندي هجي. سچي رجب جي مهيني ۾ جڏهن چاهيو ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪوندن جي نياز ڪري سگهو ٿا، البتہ مناسب اِهو آهي تہ 15 رجب المرجب تي”رجب جا ڪوندا“ ڪيا وڃن ڇوتہ اِهو ئي ”يومِ عرس“ آهي جيئن فتاويٰ فقيہ ملت جلد2 صفحي265 تي آهي”حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو نياز 15 شعبان تي ڪيو ڇوتہ سندن وصال 15 شعبان تي ٿي ٿيو آهي.

صدقِ صادق کا تصدق صادقِ الاسلام کر بے غضب راضی ہو کاظم اور رضا کے واسطے

شعر جي وضاحت: يا الله! تو ڪي امام جعفر صادق رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي”صدق“ (يعني سچي هجڻ) جو واسطو مون کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ ۽ امام موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ۽ امام علي رضا رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي صدقي مون سان بنا غضب فرمائيندي راضي ٿي وڃ. (شرحِ شجره شريف، ص57)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## معراج مصطفيٰ

اي عاشقانِ رسول! رجب جي مهيني ۾ هڪ رات اهڙي آهي جيڪا بيشمار برڪتن، عظمتن ۽ فضيلتن واري آهي، انهيءَ رات اسان جي پياري پياري آقا، شبِّ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج جو عظيم الشان معجزو عطا ٿيو. حضرت علامہ احمد بن

محمد قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ ڪن عارفن (يعني الله پاڪ جي پهچان رکندڙ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم) جو قول نقل فرمائن ٿا: سيّد عالم صَلَّي الله عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّم کي 34 ڀيرا معراج ٿيو انهن مان هڪ جسماني (۽ روحاني) ۽ باقي روحاني خوابن جي صورت ۾ ٿيا.

(مواهب اللدنيه، جلد2 ص 341)

ہیں صف آراسب حور وملک اور غلماں خلد سجاتے ہیں
اک دھوم ہے عرشِ اعظم پر مہمان خدا کے آتے ہیں
قربان میں شان و عظمت پر سوئے ہیں چین سے بستر پر
جبریل امیں حاضر ہو کر معراج کا مژدہ سناتے ہیں
جبریل امین براق لئے جنت سے زمیں پر آپہنچے
بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دولہا جاتے ہیں

## معراج شريف جو انڪار ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** معراج شريف جو انڪار ڪرڻ واري جي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

**جواب:** معراج جي سفر جا ٽي حصّا آهن (1) اسريٰ (2) مِعراج(3) اعراج يا عروج. پهريو حصو نصّ قرآني مان ثابت آهي: جيئن ته سيپاري 15سوره اسريٰ (ان کي سوره بني اِسْرائيل به چوندا آهن) جي ابتدائي آيت ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَہٗ لِنُرِیَہٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّہٗ ہُوَ السَّمِیۡعُ الۡبَصِیۡرُ ﴿۱﴾

**تَرجمو ڪنزالايمان:** پاڪائِي آهي اُن کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتورات وٺي ويو، مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصیٰ تائين، جنهن جي چوڌاري اسان برڪت رکِي، جِيئن اسان اُن کي پنهنجون وڏيُون نِشانيُون ڏيکاريون، بيشڪ اُهو ٻُڌندڙ ڏِسندڙ آهي.

(پ۱۵، سورۃ بنی اسرائیل، تحت الآیۃ:۱، ص۵۲۵.)

صَدرُ الافاضِل حضرتِ علّامہ مولانا سيد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ستاويهين (27) رجب جو معراج ٿي. مڪي شريف کان حضور پُرنور (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو بيت المقدس تائين رات جي ٿوري حصي ۾ تشريف کڻي وڃڻ نصّ قرآني مان ثابت آهي. ان جو منڪر (انڪار ڪرڻ وارو) ڪافِر آهي ۽ آسمانن جي سير ۽ قرب وارين منزلن ۾ پهچڻ صحيح معتمد ۽ مشهور حديثن مان ثابِت آهي جيڪي حدّ تَوَاتُر جي ويجهو پهتل آهن ان جو منڪر (انڪار ڪرڻ وارو) گمراهہ آهي. معراج شريف بحالت بيداري جسم و روح ٻنهي سان ٿيو، اهو ئي جمهور اهلِ اسلام جو عقيدو آهي ۽ اصحابِ رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڪثير جماعتون ۽ حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جليل القدر صحابہ انهيءَ جا قائل آهن. (خزائن العرفان، پ۱۵، سورۃ بنی اسرائیل، تحت الآیۃ:۱، ص۵۲۵.) عُروج يا اعراج يعني سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پنهنجي مبارڪ اکين سان ديدارِ الٰهي ڪرڻ ۽ فَوقُ العَرْش (عرش کان مٿي) وڃڻ جو منڪر (انڪار ڪرڻ وارو) خطاڪار آهي.

(کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص۲۲۷.)

خرد سے کہدو کہ سر جھکالے گماں سے گزرے گزرنے والے
پڑے ہیں یاں خود جہت کو لالے کسے بتائے کدھر گئے تھے

**شرح ڪلام رضا**؛ سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمدرضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ پنهنجي مشهور”قصيدي معراجيه“ جي هن شعر ۾ فرمائن ٿا: اي معراجِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سفر کي عقل جي تارازي ۾ تورڻ وارا! پنهنجي عقل کي چئو! ته اهو هن ”عظيم الشان معجزي“ جي سامهون پنهنجو ڪنڌ جهڪائي رکي ڇوته الله پاڪ جي پياري نبي، مکي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات پنهنجي خالق و مالڪ وٽ ”لامڪان“ تشريف وٺي ويا جيڪو اسان جي گمان ۾ اچي ئي نٿو سگهي ڇوته اهو اهڙو مقام آهي جتي اڳيان، پويان، هيٺ، مٿي، ساڄي، کابي، سڀ طرف ختم ٿي ويا آهن بلڪ طرف پاڻ حيران و پريشان آهن ته حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”ڪٿي“ تشريف وٺي ويا آهن.(جيئن اڳئين شعر ۾ لکن ٿا:)

سراغ اين و متٰی کہاں تھا نشانِ کیف و اِلٰی کہاں تھا
نہ کوئی راہی نہ کوئی ساتھی نہ سنگِ منزل نہ مرحلے تھے

## رجب جي ٽن اکرن جي نسبت

### سان 3 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1). رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکندو ۽ رات جو قيام ڪندو(يعني عبادت) ڪندو ته ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ اها ستاويهين رجب آهي. (شعب الايمان، جلد 3ص374، حديث:3811)

(2). جيڪو رجب جي 27 تاريخ جو روزو رکندو تہ الله پاڪ ان جي لاءِ سٺ مهينن جو ثواب لکندو. (فضائلِ شهرِ رجب للخلّال، ص76)

(3). رجب ۾ هڪ رات آهي جو ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري جي لاءِ 100 سال جي نيڪين جو ثواب لکيو ويندو آهي ۽ اها رجب جي ستاويهين رات آهي. جيڪو ان ۾ 12 رڪعتون اهڙي طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورة فاتحہ ۽ ڪابہ هڪ سورة ۽ هر ٻن رڪعتن تي التَّحيّات پڙهي ۽ 12 رڪعتون پوريون ٿيڻ تي سلام ڦيري، ان کان پوءِ 100 ڀيرا سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اللهُ اَكْبَرُ پڙهي، 100 ڀيرا استغفار، 100 ڀيرا درود شريف پڙهي ۽ پنهنجي دنيا و آخرت جي متعلق جنهن شيءِ جي چاهي دعا گهري ۽ صبح جو روزو رکي تہ الله پاڪ ان جون سيئي دعائون قبول فرمائيندو سواءِ ان دعا جي جيڪا گناهہ جي لاءِ هجي. (شعب الايمان، جلد3 ص 374، حديث:3812)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪر مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **"مدني قافلن"** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net